ڊاڪٽر محمد علي مانجهي
پرنسپال، گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ٺٽو

# شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ فڪر جي آزادي

# FREEDOM OF THOUGHT IN THE POETRY OF SHAH LATIF

## Abstract

This article aims at highlighting the various aspects of the poetry of Shah Abdul Latif Bhitai in context to his freedom of thought. Since Sindh had been under the yokes during a number of periods at its history and, thus, masses were under constant socio-psychological stress. Therefore, he thought to take them out from such a plight by way of his poetry. This is very unfortunate that Sindh went under the slavery of Arghuns and Turkhans after the last Samma ruler of Sindh-Jam Ferozuddin and, thus, started the very destruction of Sindh during the cruel and unjust rule of Arghuns and Turkhans. Shah Abdul Latif Bhitai was a visionary poet, thus, he raised a voice in favour of humanism, tolerance and liberty. He knew very well that what is in the good of common masses and as to how they can make their future a bright one. Not only this, but he propounded a very logical and modern concept of being a one nation, as in his view, unity of a nation is the only way of survival. For this, he followed the thought of “Wahdat-ul-Wajood” and badly preached it in all of his poetry. This philosophy was an antidote to various psychological evils like, ignorance, frustration, faithlessness, fear, indifference from society and nation, pro-tribal thinking, self-centeredness etc.

Persian language was imposed on the masses of Sindh and it was the language of literature and poetry at that time. Shah Abdul Latif Bhitai was the first, who not only stood against Persian, but rendered poetry in pure Sindhi dialect and condemned those who were creating poetry and prose in Persian. Risalo of Shah Latif is full of numberless examples of freedom of thought, particularly Sur Yaman Kalyan, Sur Kalyan, Sur Marui, Sur Sohni and Sur Sassui testify to the very fact that Latif was the biggest preacher of freedom of thought and liberalism and almost all of characters revolve round this conception.

وڏو طالع تو، جيئن لڳين‍ءَ پير پنهون‌ءَ جي،
سئي ان ستون کي رويو رويو رو،
ويني هتِ م هو، هلين ته هوت لهين.
( آبري 7\7)

سنڌ ساڻيهہ جو شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، اهو عظيم شاعر آهي، جنهن پنهنجي شاعريءَ ۾ ظاهري ۽ انسان جي اندرين آزاديءَ جو فڪر ڏنو آهي. هن انهيءَ آزاديءَ جو فڪر ڏنو آهي، جنهن سان سماج ۾ معياري تبديلي اچي سگهي. هن انهيءَ کي محسوس ڪيو تہ گهڻن زمانن کان سنڌ نہ رڳو غلاميءَ ۾ پيڙهجندي رهي آهي پر سنڌي سماج اندروني ۽ نفسياتي طرح غلام ۽ مونجهارن جو شڪار رهيو آهي. ڏنو وڃي تہ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي سنڌي سماج جي (هر لحاظ کان وڏي) بحراني دور ۾ پيدا ٿيو. تاريخ تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿيندو تہ سورهين عيسوي صديءَ ۾ سمن جي دور جي آخري حاڪم ڄام فيروز جي وقت ۾ ارغونن ۽ ترخانن سنڌ تي حملو ڪيو، دغا ۽ دوکي بازيءَ سان هزارين ڪونڌر ڪهي ملڪ تي قبضو ڪري ظالماڻي حڪومت مڙهي. ارغونن هٿان سنڌ جي هن فتح کي ”خرابيءِ سنڌ“ ڪوٺيندي، اُن زماني جي عالمن ان مان ابجد جي حساب سان سنڌ جي بربادي‌ءَ جي تاريخ (927هه موجب 1520ع) ڪڍي هئي. تاريخ معصومي ۽ ٻين تاريخي ڪتابن موجب يارهين محرم تي ارغونن جو لشڪر ٺٽي ۾ داخل ٿيو ۽ ويهين تاريخ تائين شهر کي لٽيندا ۽ قتل عام ڪندا رهيا. پوءِ لڳ ڀڳ مُني صدي ارغون ۽ ترخان سنڌ کي لُٽيندا، ڦريندا ۽ ڪچليندا رهيا. انهيءَ دور ۾ عيسي خان ترخان 1555ع ۾ گوا مان پورچوگيز ڌاڙيلن کي گهرائي ٺٽو، لاهري بندر ۽ آسپاس جا علائقا لُٽيا ۽ قتل عام ڪرايو. 1591ع ۾ سنڌ دهليءَ جي مغلن جي قبضي ۾ آئي تہ وري اهي تباهيون ڪرڻ لڳا. ارغونن جي قبضي کان وٺي سنڌ جا سچا عالم، بزرگ ۽ سنڌ جا غيرتمند ماڻهو پنهنجي وطن جي آزاديءَ لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪندا رهيا. انهن عالمن ۽ بزرگن جو مهندار عظيم صوفي بزرگ مخدوم بلاول هو. تاريخ کي ڇنڊڇاڻ ڪري ڏسبو تہ عالمن ۽ بزرگن جي اها تحريڪ مغلن جي آخري نواب جي دور تائين هلندي رهي. سنڌ جا سپوت مختلف وقتن تي پنهنجا سِر ڏيئي پاڻ ملهائيندا رهيا. صوفي شاهہ عنايت شهيد انهن بزرگن جي انتها هو. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي انهيءَ انتها واري دور جو هڪ حساس ۽ عظيم شاعر آهي.

سنڌ سمن جي حڪومت کان پوءِ لڳاتار سوين سال غلام رهندي آئي. سوين سالن جي غلاميءَ سنڌ جي ماڻهن جي ذهنن تي تمام خراب اثر ڇڏيا. سڄي سماج جا ذهن، غلام ذهن ٿي چڪا هئا. اڳتي هلي ارڙهين عيسوي صديءَ ۾ سنڌ جي حڪومت مغلن کان ڪلهوڙن حاصل تہ ڪئي پر افسوس جو اصل آزادي اچي نہ سگهي

چاڪاڻ ته ميان يار محمد ۽ ميان نور محمد ڪلهوڙي جي دور ۾ سنڌ ملڪ دهليءَ جي مغلن جي ماتحت رهيو. سراج ميمڻ صاحب هڪ هنڌ لکي ٿو ته: ”ڪلهوڙن جي حڪومت جو دور ايئن چئجي ته نيم آزادي ۽ نيم غلاميءَ جو دور هو. سنڌ آزاد هوندي به، پنهنجي حڪومت هوندي به، مغل شهنشاهيت جي وفاق ۾ واڳيل ۽ جوٽيل هئي.“ (1) هن ملڪ ۾ دهليءَ جي دربار جي حڪمن جي پيروي ٿيندي رهندي هئي. اهوئي سبب آهي جو ڪڏهن صوفي شاهہ عنايت شهيد، ته ڪڏهن مخدوم عبدالرحمان ۽ سندس ساٿين جي شهادت جهڙا واقعا ٿيندا رهيا. ڪيترائي عالم ۽ تاريخدان سندن دور کي سنڌ جي آزاديءَ جو دور نٿا سمجهن. سائين جي ايم سيد لکي ٿو ته: ”ميان يار محمد ۽ نور محمد ڪلهوڙي جو دور نہ پر غلام شاهہ ڪلهوڙي جي تخت نشينيءَ جو سال (1168هه موجب 1755ع) سنڌ جي آزاديءَ جو پهريون سال آهي.“ (2) 1755ع تائين جيڪو دور رهيو، اهو سياسي، سماجي ۽ معاشي لحاظ کان ايذائيندڙ دور رهيو. تاريخ مظهر شاهجهاني ۽ تاريخ طاهريءَ ۾ انهيءَ سموري دور جا احوال پڙهي لڳ ڪانڊارجي وڃن ٿا. مذهبي لحاظ سان به اهو دور تنگ رهيو. انهيءَ دور ۾ ڪيترن سنڌ جي هندن کي زوريءَ مسلمان ڪيو ويندو هو. انهيءَ زماني ۾ ٺٺي ”آئون واڻيون نہ آهيان“چوڻ تي ٻالچند کي ان وقت جي مولوين کان فتوائون ڏياري زوريءَ مسلمان ڪيو ويو. هڪ هندو مائيءَ کان جيڪڏهن ڪو پڇي ٿو ته: ”ڇا تون ايمان رکين ٿي؟“ ۽ هوءَ جواب ۾ چوي ٿي ته: ”ها، اسين ايمان رکون ٿا.“ ته ان کي به زوريءَ مسلمان ڪيو ٿي ويو.(3) مطلب ته لطيف وارو دور مذهبي ۽ سماجي لحاظ سان ايذائيندڙ دور هو. انهيءَ دور ۾ انهن ظلمن، نا انصافين ۽ ڏاڍائين خلاف ڪوبہ عالم، بزرگ ۽ ساڃاهوند ماڻهو ڪجهہ بہ ڪڇي نہ سگهندو هو. جيڪڏهن ڪو آواز اٿاريندو يا وک وڌائيندو هو ته ڪيس سخت کان سخت سزا ڏيئي، زماني لاءِ وحشت جو مثال قائم ڪري، ڊپ ۽ هراس پکيڙيو ويندو هو. جيئن اڳتي ڪوبہ اهڙو قدم کڻي نہ سگهي. لطيف انهيءَ دور ۾ انهن سڀني ڳالهين جي خلاف پنهنجو فڪر ۽ انساني آزاديءَ جو آواز بلند ڪيو.

مون کي ڪامَ جهلي، سيڪا پاڻ پلي
آئون وڏڙي نينهن اُڇلي
ويندي آئون پار پريان ڏي، مونکي ڪامَ جهلي
پسيو دونهيون دوست جيون، جيءُ منهنجو جلي
ڏمَ ڏيهاڻي ڪيترو پر ۾ ٿو پلي
محبتي ميهار جو سُور مونکي سَلي.
(6\1 وائي)

هو اهو عظيم شاعر، فنڪار ۽ مفڪر هو، جنهن انهيءَ خطرناڪ دور ۾ سنڌ

جي ماڻهن کي آفاقي فڪر ڏنو. هن فرد کي هڪ سگهاري ٽيڻ ۽ اعليٰ سوچ جو پيغام ڏنو. گڏوگڏ شاهه لطيف سنڌ جي ماڻهن کي هڪ قوم بنجڻ جو جديد ۽ معياري تصور ڏنو. هن سنڌ جي پيڙهين ۾ پيهي ڏنو ۽ سنڌ جي فضائن ۾ اوچيون اڏارون ڏيئي پرکيو ۽ پروڙيو، ائين هن اصل حقيقتن کي معلوم ڪيو. تڏهن ئي ته چيائين:

جيڏيون ڏنيان جي، صورت ساهڙ ڄام جي
سک تي ستيون ڪين، ڪانڌن پاسي ڪي
هوند مونها ئي اڳي، گهڙو سڀ گهڙا ڪٺي.
(وائي 1\5 )

شاهه لطيف سنڌ جي دل جي ڌڙڪي، ساهه پساهه، ذهني ڪيفيتن، احساسن، امنگن ۽ خواهشن کي سمجهيو ۽ محسوس ڪيو. هن ڄاتو ٿي ته سنڌ جا ماڻهو ڇا ٿا چاهين ۽ ڇا نٿا چاهين. سندن اصل مفاد ۽ نقصان ڪهڙا آهن؟ اهو ڪهڙو رستو آهي، جنهن وسيلي سلامتيءَ سان اڳتي هلي، سنڌ جا ماڻهو پنهنجي مستقبل کي روشن بنائي سگهن ٿا. لڳاتار ڌارين جي حاڪميت، غلامي، مقامي مفاد پرست اڻاسن ماڻهن جي گڏيل ڦرلٽ، مذهب جي آڙ ۾ سماجي، اخلاقي ۽ بنيادي انساني حقن جو نقصان، نفسياتي مونجهارا ۽ دٻاءَ وغيره کان دائمي ڇوٽڪاري لاءِ لطيف حسين سوچ، آدرشي فڪر، فطري ڏاهپ جا ڏس ڏيئي نئون رستو ڏيکاري، هڪ اهڙو سڏ ڏنو جنهن جي گونج مستقبل کان به اڳتي وڃي ٿي. هن سنڌ جي ماڻهن کي سدائين لاءِ هيءَ هدايت ڪئي ته:

ڌريان ۽ ڌاريان، مت مئيءَ جا نه ٿيا
****
ديسي سيڻ ڪجن، پرديسي ڪهڙا پرين.

ڇاڪاڻ ته شاهه لطيف سنڌ جي درد کي سڃاڻي ورتو هو، تنهن ڪري ئي اصل درد جي دوا پنهنجي آفاقي شاعريءَ وسيلي ڏيئي، ڀرپور ۽ ڪامياب ڪوشش ڪئي. پر اڄان به اڳتي انهيءَ درد مان ڇوٽڪارو ڏياري، هڪ اهڙي صحتمنديءَ طرف وٺي وڃڻ ٿي گهريو، جيڪا نه رڳو ان وقت جي وڏي ضرورت هئي پر اڄ به ضرورت آهي ۽ ايندڙ زمانن جي به ضرورت رهندي. اها هڪ حقيقت آهي ته لطيف هڪ صوفي شاعر هو، پر عام صوفين کان گهڻو مختلف هو. شيخ اياز چوي ٿو ته: ”توڙي جو لطيف هڪ صوفي شاعر آهي پر تصوف جي ان مسلڪ جو قائل نه هو. جيڪو انسان کي تارڪ الدنيا ۽ ڪاهل بنائي ٿو ڇڏي، شاهه صاحب ان جي ابتڙ زندگي ماڻڻ جي تعليم ڏني آهي. شاهه صاحب ترڪ جي بجاءِ طلب جو طرفدار آهي. سندس خيال ۾ طلب هڪ متحرڪ روح افزا، محو ۽ مشغول رکندڙ عمل آهي. (4)

لطيف جي زماني ۾ برصغير جا عالم ۽ بزرگ ٻن مختلف صوفياڻن مسلڪن

۾ ورهايل هئا: 1. وحدت الوجود 2. وحدت الشهود.

وحدت الوجود جو قديم نظريو هندي، يوناني، چيني ۽ ايراني فلسفي ۾ به موجود آهي. پر چيو وڃي ٿو ته نج اسلامي فڪر حضرت عليءَ کان شروع ٿي شيخ اڪبر، محي الدين ابن العربي، حسين بن منصور حلاج، جنيد بغداديءَ کان ٿيندو شيخ عبدالقادر جيلاني ۽ ٻين بزرگن تائين پهتو. اڳتي هلي ملتان جي بزرگن ۽ صوفي شاهه عنايت شهيد تائين رسيو. پر هيءَ به هڪ حقيقت آهي ته سنڌ جي وحدت الوجودي فلسفي ۾ سنڌ جي خوشبو آهي. وحدت الوجود جي نظرئي ۾ صلح ۽ همه اوست جا فڪر آهن. رواداري، انساني ڀائيچاري، انسان دوستي، اعتبار، اعتماد، وسيع النظري، پيار ۽ محبت جي فضا موجود آهي.

جڏهن ته وحدت الشهود جو نظريو ان جي بلڪل ابتڙ آهي. ان ۾ مذهبي ۽ نسلي اختلاف، فرقي بنديون، تعصبي قانون، شريعت جي نالي ۾ انڌا ڌند تقليد هوندي آهي. پيار، محبت، انساني ڀائيچاري ۽ جمهوري قدرن جي اهميت گهٽ هوندي آهي. ڊاڪٽر تنوير عباسي لکي ٿو ته: ”مجدد الف ثانيءَ جي فلسفي وحدت الشهود جو عملي نقشو اورنگزيب عالمگير جي حڪومت ۾ نظر اچي ٿو، جنهن جي اکين ٻوٽڻ سان ئي مغل سلطنت جو زوال شروع ٿيو. (5) شاهه لطيف جي دور جي تنگ نظري ۽ وحدت الشهود جو ذڪر ڪندي سائين جي ايم سيد لکي ٿو ته: ”شاهه صاحب جي زماني ۾ ڪلهوڙن جي مذهبي حڪومت انهيءَ نقطي نگاهه جي پيدائش هئي. شخصي اعتقادن يا راين جي اختلاف تي به هاڪم ڪاوڙجي ويندا هئا ۽ مذهب جي نالي ۾ مخالفن کي موت جي سزائون ڏنيون وينديون هيون. غير مسلم کي زوريءَ مسلمان ڪرڻ هڪ دستور ٿي ويو هو، مذهبي تعصب وڌي ويو هو. مذهبي آزادي يا اعتقادي اختلاف برداشت نه ڪيا ويندا هئا.“ (6)

شاهه عبداللطيف ڀٽائي وحدت الوجود جي فلسفي جو حامي هو. توڙي جو ان جاتو ٿي ته وحدت الوجودي صوفين جي سِر اڌيءَ تي رهيا آهن. شاهه عنايت شهيد ۽ سرمد شهيد جا تازا مثال سندس سامهون هئا. ڪيس خبر هئي ته هو جيڪو فلسفو قبول ڪري، پنهنجي شاعريءَ ۾ ڏيئي رهيو آهي انهيءَ جي ڪري ڪيترين ئي مصيبتون ۽ تڪليفون مٿس ڪڙڪي سگهن ٿيون، پر شاهه لطيف انسانيت جي اعليٰ معيار جو فڪر پنهنجي شاعريءَ ۾ ڏيندو رهيو. هو پنهنجي شاعريءَ وسيلي اعليٰ مقصد جي حاصلات لاءِ اڏول ٿي وڏڻ جو درس ڏيندو رهيو. پاڻ اعليٰ علان چيائين ته:

جي لوڻ لڳين لائين، چيري چيري چم  
مون ڪُر اڳين نه ڪيو، اهڙو ڪوجهو ڪم  
جان جان دعويٰ دم، تان تان پرت پهنوار سين.  
(مارئي 9\10)

شاهہ لطيف جي جواني واري دور تائين ڏارين حاڪمن پاران سياسي، مذهبي، معاشي، سماجي ۽ اخلاقي طرح ڏاڍ، جبر، ناحق ۽ نا انصافي ٿي رهي هئي. لطيف ان ڪان ڇوتڪاري جو پيغام ڏيندي سماج ۾ مروج اهي قدر تبديل ڪرڻ گهريا ٿي. ڪا بہ قوم جيڪڏهن لڳاتار گهڻو زمانو غلام رهندي آهي تہ ان قوم جي ماڻهن مان نہ رڳو آزاد فضا جو خوبصورت تصور ختم ٿي ويندو آهي، پر ان قوم جا ماڻهو ذهني ۽ نفسياتي مونجهاري جو شڪار ٿي، هر لحاظ سان غير متوازن (Abnormal) بنجي پوندا آهن. اجان بہ هتي هڪ حقيقت طرف ڌيان ڇڪائڻ گهران ٿو تہ لڳاتار غلاميءَ جي ڪري، قوم جي ذهن جي سماجي فڪر ۽ شعور جي ارتقا رڪجي ويندي آهي، ۽ اهو سڀ ڪان وڏو نقصان هوندو آهي. شاهہ لطيف سنڌي قوم جي انهيءَ نقصان کي محسوس ڪندي، پنهنجي شاعريءَ وسيلي سماجي فڪر ۽ شعور جي ارتقا جي اُڄايل پٽن تي فڪر ۽ شعور جا واهڙ واهي، آباد ڪيو. اهڙي ريت انساني ذهن کي آباد ڪري، ذهنن جي کيتن مٿان ڇيٽي چنڊ چمڪايا. هن سنڌي ماڻهن جي سماجي فڪر جي ارتقا کي اڳتي وڌايو، جيڪو هڪ قوم لاءِ تمام وڏو عمل آهي، جيڪا ڳالهہ سوين سالن ۾ پيدا ٿيندي آهي، اها ڳالهہ لطيف پنهنجي دور ۾ ڪري ڏيکاري. لڳاتار سوين سال غلاميءَ جي دور ۾ رهڻ جي ڪري، سنڌ جي ماڻهن جي ذهنن مان آزاد فضا وارو تصور ئي ختم ٿي چڪو هو. اهڙي نموني سماجي قدر ئي بگڙي چڪا هئا. فڪر جي آزاديءَ جي اڻاٺ جي ڪري فرد ۾ ڪيترين ئي خامين پيدا ٿي پونديون آهن، جهڙوڪ:

1) نفسياتي مونجهارا
2) احساس ڪمتري ۽ بي اعتمادي
3) جهالت
4) ڪاهلي، سستي، آرام پسندي
5) ڊپ جو شديد احساس
6) سوچ ۽ تصور جي کوٽ
7) وهم پرستي
8) قوم ۽ سماج سان لاتعلقي
9) قبيلائي سوچ ۽ ذات پرستي
10) لالچ، خود غرضي، مفاد پرستي وغيره

ايمرسن چوي ٿو تہ: ”هر دور کي خود پنهنجو قومي ادب Classics پيدا ڪرڻ گهرجي.“ يعني هر ادبي ڪارنامي ۾ ان دور جي ادبي رحجان ۽ خاصيتن جو هئڻ ضروري آهي. رڳو حسن ڪاريءَ کي ادب نٿو چئي سگهجي. ادب جيڪڏهن ملڪ ۽ زماني جي تازي فڪر (Ideology) يعني اجتماعي فڪر جو حامل نہ آهي تہ اهو

صحيح معني ۾ ادب ئي نہ آهي. اها هڪ حقيقت آهي تہ حسن، خير ۽ حقيقت تنهي کي هم آهنگ بڻائي پيش ڪرڻ جو نالو ادب آهي ۽ وڏو اديب اهو آهي جيڪو هڪ ئي وقت اسان جي حسن جي ذوق، فڪر ۽ عمل جي ذوق کي نہ رڳو آسودو ڪري پر حرڪت ۾ آڻي. ڪامياب ترين ادب اهو آهي، جيڪو حال جو آئينو ۽ مستقبل جو اشارو هجي. جنهن ۾ واقعا، تخيل، افاديت ۽ جماليت هم آهنگ بڻجي ظاهر ٿين، جنهن ۾ اجتماعيت ۽ انفراديت ٻئي گڏجي هڪ مزاج بڻجي وڃن. جيڪي اسان جي حسن جي ذوق ۽ عمل جي ذوق ٻنهي کي گڏوگڏ اُڀارين.

عظيم شاعر نہ رڳو پنهنجي دور جا ترجمان هوندا آهن پر اهي فڪر جي آزاديءَ جا علمبردار، حاذق ۽ حڪيم هوندا آهن. انهيءَ سلسلي ۾ لطيف جو مقام تمام مٿاهون آهي، ڇاڪاڻ تہ هن فڪر جي آزاديءَ جو درس نئين انداز ۾ ڏاڍي سهڻي نموني ڏنو آهي.

لوڪان لڪي سيڪو، لڪان لڪي ڪونہ،
اُٿئي وينئي اون، ان الٽي ڳالهہ جي.
(آسا 6\1)

شاهہ لطيف جي دور ۾ حاڪمن پاران سنڌ ۾ فارسي ٻولي مڙهيل هئي. ايڇ ٽي سورلي "پٽ جو شاهہ" ۾ لکي ٿو تہ: "مغلن جو مشغلو هوندو هو تہ هندستان جي سرحدن اندر فارسي شاعريءَ جي همت افضائي ڪندا هئا، جنهن ڪان هو دهلي دربار ۾ اڳئي مانوس هئا. ان دور ۾ اهو لازمي هو تہ شاعريءَ کي پراڻن اصولن جي ڪسوٽيءَ تي پرکيو وڃي، ان جا موضوع بہ اهي ئي فارسيءَ جي وڏن شاعرن جا اڳ ورتايل موضوع هوندا هئا." (7) انهن ئي شاعرن جي پذيرائي ڪئي ويندي هئي جيڪي فارسيءَ ۾ شعر چوندا هئا. اهو ڪيڏو نہ وڏو ظلم ۽ نا انصافي آهي تہ پنهنجي ملڪ ۾ شاعرن جي مادري ٻوليءَ جو ڪوبہ قدر نہ هجي ۽ هتي جا شاعر ڪنهن ڌاري ٻوليءَ ۾ تخليق ڪندا هجن. لطيف جي دور ۾ ماڻهو غلاميءَ جي انهيءَ پستيءَ تائين پهتا هئا جو پنهنجن ماڻهن کي مخاطب ٿيڻ جي لاءِ فارسي استعمال ڪندا هئا. جيڪو عالم، اديب، شاعر ۽ سالم ذهن شخص پنهنجي ٻوليءَ تي ڏاڍ ۽ حق تلفيءَ لاءِ آواز اٿاريندو هو تہ ان تي سختي ڪئي ويندي هئي. تنهن هوندي بہ ڪي عالم ۽ شاعر پنهنجي جيجل جي ٻوليءَ ۾ تخليقون ڪندا ۽ ڌرتيءَ ماءُ سان نڀائيندا رهيا. لطيف انهيءَ دور ۾ نہ رڳو پاڻ فارسي شاعريءَ بدران نج سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ شاعري ڪئي پر فارسي لکندڙن جي مخالفت ڪندي پنهنجي فڪر جي آزاديءَ جو آواز بلند ڪيو.

جي تون فارسي سکئين، گولو تان غلام،
اُجيو تان آب گهري، بکيو تان طعام،
عامن سندو عام، خاصن منجهان ڪين ٿئي.

لطيف فارسيءَ جي ابتڙ پنهنجي ٻوليءَ ۾ شاعري ڪري، ٻوليءَ کي امر ڪري، پاڻ بہ امر ٿي ويو. شاهہ لطيف جو شارح ڊاڪٽر سورلي لکي ٿو تہ: ”شاهہ عبداللطيف جي اهميت ان ڪري بہ آهي، جو هو انهيءَ عالماڻي برتريءَ کي ڪنهن حد تائين ٽوڙڻ ۾ ڪامياب ٿيو. هن پنهنجي ملڪ جي ماروئڙن، سندن روزمره واري زندگي ۽ منجهن مروج لوڪ داستانن کي پنهنجي شاعريءَ جي موضوع طور ڪنيو. جنهن سان سنڌي ٻوليءَ ۾ موجود شاندار خوبيون نکري نروار ٿيون.“ (8) شاهہ لطيف توڙي جو هڪ مسلمان صوفي شاعر هو، پر مُلن جي ڦهلايل تنگ نظريءَ جي خلاف هو. دين اسلام جي آڙ ۾ جيڪي ماڻهو ڏاڍ ۽ نا انصافي ڪندا هئا، انهن لاءِ وٽس جاءِ نہ هئي. هن اسلام جي اصل روح جو فڪر ڏنو آهي. هو چوي ٿو تہ:

روزا، نمازون اي پڻ چڱو ڪم،
او ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسجي پرينءَ کي.
(سُر آسا)

جان جان پسين پاڻ کي، تان تان ناهي سجود،
وڃائي وجود، تنهان پوءِ تڪبير چئو.
(ڪلياڻ 19/3)

جان جان پسين پاڻ کي، تان تان ناهي نماز،
سڀ وڃائي ساز، تهان پوءِ تڪبير چئو.
(ڪلياڻ 20/3)

گولا جي گراهہ جا، جوتا سي جوڳي،
ڦتل او ڦوڳي، جنين شڪم سانديا.
(رامڪلي 16/4)

جنهن سنياسي سانديو، گندي ۽ گراهہ،
انهيءَ ڪان الله، اجان اڳاهون ٿيو.

شاهہ لطيف جي شاعري ايڏي تہ وسعت رکندڙ آهي، جو سوين سالن بعد اڄ بہ جڻ تہ موجوده حالتن لاءِ رچيل آهي. تيزيءَ سان بدلجندڙ دنيا ۾ جتي ماضيءَ جا قدر ذرا ذرا ٿي ويا آهن، ڪيترا نظريا پنهنجي نواڻ وڃائي ويٺا آهن. ماڻ، ماپا ۽ انهن جا تصور ئي تبديل ٿي چڪا آهن. اڍائي سؤ سالن کان بہ مٿي وقت گذرڻ باوجود لطيف جو زندگيءَ بابت تصور بنهہ تازو ۽ توانو آهي. چاڪاڻ تہ هن پنهنجي ڌرتيءَ جي تهذيب، تمدن ۽ تاريخ کي، پنهنجي ساٿيهہ ۾ رهندڙ ماڻهن جي سمورن ڏکن، سکن، ڪيفيتن وغيره جا احوال سمائي، ساپيان لاءِ پنهنجي شاعريءَ کي تمثيلي انداز ڏيئي آئينو بڻايو. هن پنهنجي دلبر ديس جي لوڪ ڪهاڻين مان ڪردار، تشبيهون، استعارا ۽ علامتون چونڊيون. لوڪ ڪهاڻين جا سگهارا ڪردار سندس شاعريءَ جو

آواز آهن. هن انهن ڪردارن ۾ واقعن ڪي اهڙي نموني سان پيش ڪيو آهي، جو اهي ويتر متاهين معني ۾ مقصد رکندڙ بڻجي پيا آهن. شيخ اياز لکي ٿو ته: ”شاهه صاحب جو ڪو به بيت کڻو ته اهو ظاهري طرح هڪ ڪردار جي هڪ پل جو اظهار آهي پر حقيقت ۾ اهو هڪ پل سڄي دور کي گهيري ۾ ڪيو بيٺو آهي. ان دور جي هر انسان جو سانحو محسوس ٿيندو ۽ وري جڏهن اسين ان کي وقت جي قيد مان آزاد ڪري، جاچينداسين ته اهو هر دور جي انسان جي دل جي ڌڪ ڌڪ ۾ گونجندو ملندو.“(9) شيخ صاحب اڳتي لکي ٿو ته: ”شاهه جو شاعراڻو فڪر زمان ۽ مڪان جي قيد کان ان معني ۾ آزاد آهي ته هن هڪ پل ۾ صدين کي سهيڙيو آهي. چند ڪردارن جي ويس ۾ دنيا جي هر انسان جو چهرو ڏيکاري ڇڏيو آهي. چند ڪهاڻين جو حوالو ڏيئي هن ان ڪهاڻيءَ جو تجزيو ڪيو آهي جا دنيا جي ڪنهن به ملڪ ۾ هڪ زنده حقيقت طور بڻي ۽ بڻائي پئي وڃي.“ (10) شاهه لطيف پنهنجي شاعريءَ وسيلي هر ڏاڍي کي للڪار ڪئي آهي. اُها للڪار جنهن جي گونج اڄ به گونجي ٿي. هو چوي ٿو ته:

متو آهين مڇ، تلهو تيو تونا هٽي،
جا تو ڏني اڇ، تنهن پاٽيءَ پُنا ڏينهڙا.
(گهاتو)

انهيءَ دور ۾ ڪيترائي انسان دوست عالم ۽ بزرگ به موجود هئا، جيڪي مختلف وقتن تي انسان آزار ماڻهن سان مهاڏو اٽڪائيندا رهيا، پنهنجن جي واهر ڪندا ۽ آزارن کان آجائيءَ لاءِ ڪوشش ڪندا رهيا. شاهه لطيف اهڙن آزاريل ماڻهن جي واهر ڪندڙن لاءِ نيڪ تمنائون رکندي همت افزائي ڪندي چوي ٿو ته:

جکرا ! جئين شال، تنهنجو ڪنين مندو نه سُڻان،
جيئن تو اڇي ڪالهه، آزارئا آجا ڪيا.
(بلاول 5/2)

لطيف جي شاعريءَ ۾ سر سهڻي، سر مارئي، سر سسئي، سر ڪلياڻ ۽ سر يمن فڪر جي آزاديءَ جا شاهڪار سُر آهن. هن اُنهن ڪهاڻين جي ڪردارن وسيلي سماج جي مُروج مذهبي، سياسي، سماجي ۽ اخلاقي قدرن جي مخالفت ڪئي. سياسي، سماجي ۽ نفسياتي غلامي ۽ مونجهارن مان آزاد ٿيڻ جو درس ڏنو آهي. هو بهادري، مضبوط ارادي ۽ سچائي جو درس ڏئي ٿو. اعلي مقصد جي حاصلات لاءِ سيني بنڌڻ مان ڇوٽڪارو حاصل ڪري اڳتي وڌڻ جو درس ڏئي ٿو. هو چوي ٿو ته:

پڇي پاڙي واريون، ڪوهه ڪريندو ڏم،
ڪاري رات ڪُنن ۾، ڪاڻيارن جو ڪم،
هيءُ هڏو ۽ چم، گهورئو محب ميهار تان.
(سهڻي 6/10)

ايئن به نه آهي ته هن رڳو انهن قدرن جي مخالفت ڪئي آهي پر سندس شاعريءَ ۾ انهن قدرن کي تبديل ڪري، نون قدرن کي رائج ڪرڻ جا درس به ڏنل آهن. هن انهن قدرن کي رائج ڪرڻ جو پيغام ڏنو آهي، جيڪي صحتمند سماج جوڙيندڙ ۽ انسان دوست قدر هجن.

اَئين جي ورن واريون سرتيون سڏڙيون،
آرياڻي پنهونءَ جي، بول نه بڌڙيون،
جي لکئي لڌڙيون، ڏونگر سي ڏوريندِيون.
(آبري 8/4)

لڳندي لڪن سين، آءٌ جي مران ايئن،
ماءُ منهنجي نينهن، ته ڪر لائئون لڌيون.
(آبري 8/11)

شاهه لطيف جي شاعريءَ جو هر ڪردار فڪر جي آزاديءَ جي حاصلات لاءِ رڪاوٽن هوندي به جستجو ۾ آهي، ڪڏهن ۽ ڪٿي به مايوس نظر نٿو ٿئي. سندس شاعريءَ جا سمورا ڪردار فڪر جي آزاديءَ جي واٽ تي وڌندي تلوار جي، تيز ڌار تي نچندي نظر اچن ٿا. پهاڙن ۾ پرزا ٿيندي به مرڪندي ملن ٿا، پتنگن وانگر پچندي پسجن ٿا، دهشت کي حيران ڪندي اڳتي وڌن ٿا. انهن ۾ سسئيءَ جو ڪردار ۽ مارئي جو ڪردار وڏا مثال آهن، پر سهڻيءَ جو ڪردار سمورن سماجي قدرن جي خلاف بغاوت ۽ جدوجهد جو اهڃاڻ آهي. اها فڪر جي آزادي آهي، جنهن سهڻيءَ کي خود اعتمادي، بهادري، ذهني ۽ جسماني سگهه عطا ڪئي. هوءَ ڌم ۽ سماج کي منهن ڏيئي پيار ۽ سماجي تعلق جو هڪ اعليٰ مثال قائم ڪري ٿي. انهيءَ ڪري لطيف جي شاعريءَ ۾ سهڻيءَ ڪمال درجي تائين مقام ماڻيو. علامه آءِ آءِ قاضي جي رسالي ۾ سُر سهڻي سيني ڪان پڇاڙيءَ ۾ ڏنل آهي. علامه صاحب شاهه لطيف جي رسالي جي ترتيب، لطيف جي فڪري ارتقا موجب ڪئي آهي. ڇاڪاڻ ته سندس خيال ۾ سُر سهڻي، شاهه صاحب جي فڪر جي آخري منزل آهي.(11) سنڌي سماج ۾ اڳاتي زماني کي ته ڇڏيو، پر اڄ جديد دور ۾ به عورت کي پنهنجي ور چونڊڻ جو ڪوبه اختيار نه آهي. سماج پاران جيڪو به ڪانڌ ڪيس ڏنو ويجي، سو ڪيس قبول ڪرڻو آهي ۽ هميشه لاءِ نه چاهيندي به اُن سان وفادار ٿي رهڻو آهي. لطيف جي شاعريءَ جي هيءَ سورمي انهيءَ زماني جي بنهه ابتڙ آهي. انهيءَ زماني جي قدرن خلاف وڏي بغاوت آهي.

پليان پليو نه رهي، نرتو نيهه نبار،
گهڙا گهوريو جندڙو، اُتل مون اپار،
جنين من ميهار، هلڻ تنهي حق ٿيو.
(سهڻي 5/7)

انهيءَ سلسلي ۾ هوءَ بنهه بي ڊپي ۽ وهمن کان پاڪ ٿي پنهنجي محبوب ڏانهن وِک وڌائي ٿي. ڇاڪاڻ ته هن اصل سچ کي سمجهي ورتو هو. هُوءَ چوي ٿي ته:

ساهڙ مون جيئن سرتيون! جي ڏسو سيئي،
ته سمهو ڪين سُک ٿي، ور پاسو ڏيئي،
مونهان اڳي ئي، گِهڙو سپ گهڙا ڪٽي.
(سهڻي 6/1)

شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ جڏهن سهڻي سماج پاران زوريءَ ڏنل مڙس کي قبول نه ڪندي من گهرئي يار ميهار ڏانهن وڃڻ جو اعلان ڪري ٿي، تڏهن شاعريءَ جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو فڪر جي آزاديءَ جو کليو اعلان ملي ٿو. سهڻيءَ جي تمثيل ۾ هيءَ به هڪ حقيقت آهي ته ڪو فلسفي، ڏاهو يا ڪو سچار وقت جي رائج سماجي قدرن سان بغاوت ڪري، تبديليءَ جي ڪوشش ڪري ٿو ته اُن تي سارو ڏيهه ڏمرجي اچي ٿو. حسين بن منصور حلاج، سقراط، گيليلو، مخدوم بلاول، سرمد، شاهه عنايت شهيد، مخدوم رحمت الله ٺٽوي يا ڪو بيو ڏاهپ جو فڪر ڏئي ٿو ته وقت جا حاڪم، مذهبي ٺيڪيدار، جابر، نوڪِي ۽ ڊوهي مڇرجي شيطان بڻجي پون ٿا، ڦاهي گهاٽ ۽ اڏيون سِرن لاءِ تيار ٿين ٿيون، پر پوءِ به هو بي ڊپا بڻجي اوچي ڳاٽ اچن ٿا. ڊاڪٽر تنوير عباسي لکي ٿو ته: ”جڏهن ڪو به دانشور پنهنجي وقت جي رائج سماجي قدرن جي خلاف وڃي ٿو، ۽ انهن جي جاءِ تي ڪي نوان قدر آڻڻ ٿو گهري ته سڄو سماج ان جي خلاف ٿيو وڃي. پهرين سڄو سماج ڪيس انهن نين واٽن تي هلڻ کان جهلي ٿو، پر ”جيئن جيئن جهلي جڳ، تيئن تيئن مون تاڪيد ٿئي.“ وانگر جڳ جو اهو جهلڻ هن لاءِ مهميز ٿيو وڃي ۽ هو پنهنجي گهڙيل نئين واٽ تي، جيڪا سماج لاءِ ڪواٽ آهي، اجان به تيزيءَ سان روان دوان ٿئي ٿو. لوڪ جا طعنا ۽ ميهڻا هن لاءِ مرڪ ٿيو پون هو آجهاپ ۽ خند کان سواءِ هلندو ٿو رهي.“(12)

ڏمر ڏهلو ڏکيو، سر ۾ سونٽا ماري

***

ڏمر ڏهاڻي ڏي سندا ميهر ميهڻا،
جهليان ٿي جهوليءَ ۾، پل پل پايو سي،
مر تان چاليهه چئي، سڱان سپيرين جي.
(سهڻي 7/7)

مرج وٺ ميهار، متان موٽين سهڻي،
ساهڙ جا سينگار، مڇڻ ڏمِ ڏيکارين.
(سهڻي 4/11)

ماڙهو ڏيئي ميهڻا، مونکي ڪندا ڪوهه،
صورت سپرين جي، ڏني ڪونهي ڏوهه،
چپر منجهان چوهه، روئي رڳينديس رت سين.
(معذوري 5/14)

آيل! امڙ! تي جيان تي جيان
جي سارينم سپرين
سئون سنهايم پيچرو ميهارن ميان
ساهڙ متان صدقو ڏهه ڏهه ڏيان.

ڪيڏي نه وڏي ڳالهه آهي جو شاهه لطيف انهيءَ ڪردار جي ترجماني ڪئي آهي، جيڪا عورت شادي شده هوندي به پنهنجي يار سان ملڻ وڃي ٿي، لطيف سندس انهيءَ عمل کي نه فقط صحيح سمجهي ٿو پر پنهنجي شاعري لاءِ ڪيس تمثيل به بڻائي ٿو. اهو فڪر جي آزاديءَ جو ڪمال آهي. شاهه لطيف سهڻيءَ کي جيڪا هدايت ڪري ٿو سا به ڪمال جي آهي ۽ پنهنجي دوست سان نه ملڻ کي ئي خراب ۽ ناپاڪ سمجهي ٿو. سهڻيءَ کي چا ڪرڻ گهرجي ان لاءِ چوي ٿو ته:

ساهڙ ڏاران سهڻي نسوري ناپاڪ،
نجاست ناهه ڪري، انهيءَ جي اوطاق،
هوءَ جا ڪير پياڪ، پاسي تنين پاڪ ٿئي.

لطيف جي نظر ۾ سچائي، محبت ۽ پيار جو جذبو انسان کي پاڪ ڪري ٿو، جڏهن ته پيار ۽ محبت بنا رشتي ۽ تعلق ناپاڪ ڄاڻائي ٿو.ڊاڪٽر تنوير عباسي اها ڳالهه هنن لفظن ۾ بيان ڪري ٿو ته: ”شاهه لطيف جي نظر ۾ محبت ئي هڪ اهڙو جذبو آهي، جيڪو انسان کي پاڪ ڪري ٿو. سماج جي دٻاءَ هيٺ زبردستيءَ سان قبول ڪيل ميلاپ ناپاڪ آهي. ان ناپاڪ ميلاپ کان موت بهتر آهي.“(13)

مرج وٺ ميهار، متان موٽين سهڻي،
ساهڙ جا سينگار، مچڻ ڏم ڏيڪارين.
(سهڻي 4/11)

شاهه لطيف هن سُر ۾ شاديءَ جا اختيار سماج کي نه پر عورت ۽ مرد کي ڏيڻ جو پيغام ڏيئي ٿو. هو هن سُر ۾ عورت کي محبت ۽ شادي ڪرڻ جي اختيار ۽ زبردستي ڪنهن اڻ وڻندڙ مڙس ملڻ تي سماجي قدرن ڏانهن ان عورت جي روش کي بيان ڪيو آهي.(14)

لطيف پنهنجي شاعريءَ وسيلي پنهنجو پيغام ڏيڻ لاءِ سهڻي، مارئي، سسئي ۽ ٻين ڪردارن جو سهارو ونندي، سماج جي قدرن کي تبديل ڪرڻ ۽ هر قسم جي جسماني توڙي روحاني غلاميءَ کان ڇوٽڪاري لاءِ هڪ آفاقي فڪر ڏنو آهي. سندس

شاعريءَ ۾ ڏاڍ ۽ ڏمر نہ سهڻ، پيار ۽ محبت سان رهڻ جو درس آهي. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ آزاديءَ جو درس ڏنو آهي ڇاڪاڻ تہ جڏهن فڪر جي آزادي نصيب ٿئي ٿي، تڏهن ئي ماڻهو انسان بڻجي ٿو ۽ تڏهن هيڻو ماڻهو بہ پنهنجي مقام ۽ حقن کي حاصل ڪرڻ لاءِ آمر سان اٽڪي پوندو آهي. هر مصيبت سامهون بي ڊپو ۽ سرفروش سورمو ثابت ٿيندو آهي. هو جٺي ۽ جان جي پرواهہ نہ ڪندو آهي. اهو ماڻهو ظلم، ناحق، نا انصافي ۽ سچ دشمنيءَ خلاف آواز بلند ڪندي پنهنجي اعليٰ مقصد جي منزل تي اڳتي وڌندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن اڪيلو هوندي بہ ڏاڍن کي ڏاري وجهندو آهي.

ماڙهو ڏيئي ميهڻا، مونکي ڪندا ڪوهہ،
صورت سپيرين جي، ڏٺي ڪونهي ڏوهہ،
ڇپر منجهان ڇوهہ، روئي رڱيندس رت سين.
(معذوري 5/14)

## حوالا ۽ حاشيا


1. سراج ميمڻ، مضمون ”شاهہ لطيف جو سياسي فڪر“ ڪتاب: ”شاهہ لطيف عظيم مفڪر“ سهيڙيندڙ آفتاب ابڙو، سنڌيڪا اڪيڊمي 2005ع ص 142.
2. جي ايم سيد ”پيغام لطيف“ نئين سنڌ پبليڪيشن ڪراچي، ڇاپو ٻيو 1974ع، ص 18.
3. ابراهيم جويو ”شاهہ، سچل، سامي“ سنڌي ادبين جي سهڪاري سنگت حيدرآباد 1987ع، ص 67.
4. شيخ اياز ”شاهہ لطيف عظيم مفڪر“ ص 87.
5. تنوير عباسي ”شاهہ لطيف جي شاعري“ نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد، 1989ع، ص 255.
6. جي ايم سيد ”پيغام لطيف“ ص 38.
7. ايڇ ٽي سورلي ”ڀٽ جو شاهہ“ سنڌيڪار عطا محمد ڀنڀرو، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 1992ع، ص 300.
8. ايڇ ٽي سورلي ”ڀٽ جو شاهہ“ ص 101.
9. شيخ اياز ”شاهہ لطيف عظيم مفڪر“ ص 90.
10. ساڳيو ص 90.
11. بلوچ ڊاڪٽر نبي بخش خان.
12. تنوير عباسي ”شاهہ لطيف جي شاعري“ ص 277.
13. ساڳيو ص 286.
14. ساڳيو ص 286.
15. شاهہ جو رسالو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا ۽ اشاعت حيدرآباد، 1999ع.